هفتيوار رسالو:351
WEEKLY BOOKLET:351

شيخ طريقت امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ڪتاب ”نيڪي جي دعوت“ جي هڪ قسط بنام

# جهنم ڇا آهي؟

SINDHI

- جهنم جي ڏکائيندڙ ڪهاڻي جبريل جي زباني
- دنيا جي محبت تمام گناهن جي پاڙ آهي
- پينسل جي چوري ڪان ڦاسيءَ جي گهاٽ تائين
- گهر وارن کي عذاب کان ڪيئن بچايون؟

شيخ طريقت امير اهلسنت باني دعوت اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال
محمد الياس عطّار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

**ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:**

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكر بيروت)

طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت



**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: جهنم ڇا آهي ؟

ڇاپو پهريون: شوال المكرم 1445 ھ مئي 2024ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

**ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.**

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جي ڪتاب ”**نيڪي جي دعوت**“ مان نڪتل ڪتاب

# جهنم ڇا آهي...؟

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميہ** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي) **عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** 🖃 translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ،وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖنَ،

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# جهنم چا آهي....؟

## دعاءِ جانشين امير اهلسنت

ياربّ المصطفٰي! جيڪو بہ مڪمل رسالو "جهنم چا آهي...؟" پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن کي جهنم جي عذاب کان بچاءِ ۽ ان کي والدين سميت جنّتُ الفردوس ۾ بي حساب داخل فرماءِ.

اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صلَّی اللّٰہ علیہ واٰلہ وسلَّم: قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي عرش کان سِواءِ ڪو سايو نہ هوندو، ٽي شخص الله پاڪ جي عرش جي سايي ۾ هوندا (1): اهو شخص جيڪو منهنجي اُمّتي جي پريشاني پري ڪري (2): منهنجي سُنّت کي زِنده ڪرڻ وارو (3): مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهڻ وار.

(البدور السافرة، ص131،حديث:366 )

اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب　　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڇا فيشن پرست ئي معزز آهي؟

پيارا اسلامي ڀائرو! غور جو مقام آهي! ڇا اڄ دنيا کي ”تمام وڏي شيء“ نہ پيو سمجھيو وڃي؟ ڇا اڄڪلھ جي مسلمانن جي اڪثريت جي دلين مان اسلام جي حقيقي هيبت نڪرندي نہ پئي وڃي؟ ڇا نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ ترڪ نہ ڪيو ويو آهي؟ ڇا پاڻ ۾ گارگند جو سلسلو عام ناهي؟ صد ڪروڙ افسوس! اڄ وڏي تعداد جي زندگي جو انداز اهو پيو ٻڌائي تہ دنيا کي آخرت تي ترجيح ڏني پئي وڃي، شريعت ۽ سنّت کان ماڻهو مَعَاذَ الله پري ٿيندا پيا وڃن سنّتن کان اها دوري ۽ انگريزي فيشن جو جنون آخر هن معاشري کي ڪٿي وٺي ويندو!

## دنيا جي محبت تمام گناهن جي جڙ آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! هوش ۾ اچو، ۽ مرڻ کان پھريان سنڀلجي وڃو! يقين ڄاڻو! هي سڄي تباهي دنيا جي محبت ئي مچائي آهي، دنيا جي محبت جي سبب اڄ ماڻهو سنتن کان پري ٿي ويا آهن، سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمائن ٿا: حُبُّ الدُّنْيَا رَأْسُ كُلِّ خَطِيْئَةٍ يعني دنيا جي محبت تمام گناهن جي جڙ آهي. (ڪتاب ذم الدنيا مع موسوعة الامام ابن ابي الدنيا ج 5 ص 22 حديث 9) صد ڪروڙ افسوس! جنّت جي لازوال نعمتن کي حاصل ڪرڻ لاءِ معمولي گھريلو آسائشون ڇڏي ڪري فقط ڪجھ ڏينھن جي لاءِ سنّتن جي تربيت جي خاطر راهِ خدا ۾ سفر جي لاءِ اڄ اسان تيار نٿا ٿيون جڏهن تہ عارضي دولت ڪمائڻ جي لاءِ

پنهنجي گهر وارن کان سالن جا سال هزارين ميل پري رهڻ جي لاءِ تيار ٿي وڃون ٿا، ڇا مسلمانن جي ديني اعتبار سان بربادي ۽ غير مسلمن جو ان تي حاوي ٿيڻ، مسجدن جي ويراني، سينما گهرن ۽ عيش ۽ آرام جي اڏن جي آبادي، يورپي تهذيب جي يلغار، مغربي فيشن جي يرمار، فلمون ڊراما ڏسڻ جي لاءِ گهر گهر ٽي وي، ڪيبل سسٽم، انٽرنيٽ، ۽ وي سي آر، هر پاسي گناهن جو گرم بازار ۽ مسلمانن جي وڏي اڪثريت جو بگڙيل ڪردار هي سڀ اسان کي پڪاري پڪاري ڪري دعوت فڪر ناهي ڏئي رهيو آهي ته ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ مدني قافلن جو مسافر ضرور بالضرور بڻجڻ گهرجي“ اڄ اسان کي زندگي ۾ يڪمشت 12 مهينا ۽ هر 12 مهينن ۾ 30 ڏينهن ۽ سڄي عمر هر مهيني 3 ڏينهن جي لاء دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪرڻ بيحد مشڪل محسوس ٿيندو آهي، سوچيو ته سهي! جيڪڏهن اسان مان هر هڪ پنهنجي مجبورين ۾ ڦاسي وڃي ته آخر ڪير ان مدني قافلن ۾ سفر ڪندو؟ ڪير سڄي دنيا جي ماڻهن تائين نيڪي جي دعوت پهچائيندو؟ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي پياري پياري اُمت جي خيرخواهي ڪير ڪندو؟ ڪير غيرن جي طور طريقي تي هلندي فخر ڪرڻ وارن نادان مسلمانن کي سنتن جو پيڪر بڻجڻ جو ذهن ڏيندو؟ ڪير هي مدني مقصد اپنائڻ جي ترغيب ڏيندو ته ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ اِنْ شَآءَاللّٰه. اي ڪاش! هر اسلامي ڀاءُ هي نيّت ڪري ته زندگي ۾ يڪمشت 12 مهينا ۽ هر 12 مهينن ۾ 30 ڏينهن ۽ سڄي عمر هر

مهيني 3 ڏينهن جي لاءِ دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر اختيار ڪندس، اِنْ شَآءَاللّٰه. مدني قافلي جون برڪتون سمجهڻ جي لاءِ هڪ مدني بهار ملاحظ فرمايو:

## بد ترين عزيز ترين ڪيئن بڻيو؟

لاسي ڳوٺ (ڪراچي، سنڌ) جي مقيم اسلامي ڀاءَ جو بيان ڪجھ هيئن آهي: مان بيحد بگڙيل انسان هئس، فلمن ڊرامن جو شوقين هجڻ سان گڏوگڏ رولو ڇوڪرن سان دوستي ۽ سڄي رات انهن سان گڏ آواره گردي ڪرڻ منهنجي معمولات ۾ شامل هيو، منهنجين برين حرڪتن جي ڪري نہ صرف خاندان جا ماڻهو بلڪ منهنجا والدين بہ مون کان لهرائيندا، گهر ۾ اچڻ کان گهبرائيندا ۽ ايسيتائين جو ڀين ڪي بہ منهنجي صحبت جي نحوست کان بچڻ جي تلقين فرمائيندا هئا، معاملو ايتري حد تائين وڃي پهتو جو والد صاحب مون کي گهران ڪڍڻ جي لاءِ تيار ٿي چڪو هو، منهنجي گناهن ڀري اُجڙيل زندگي ۾، بهار ڪجھ هيئن آئي جو هڪ مبلغ دعوت اسلامي نهايت ئي شفقت سان انفرادي ڪوشش ڪندي مون کي دعوت اسلامي جي تحت پاڪستان جي مشهور شهر ڪوئٽہ ۾ صوبائي سطح تي ٿيڻ واري ٽن ڏينهن جي سنّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي دعوت پيش ڪئي، مون معاملو والد صاحب جي اجازت تي ڇڏي ڏنو، نيڪي جي دعوت جي جذبي سان سرشار عاشق رسول اسلامي ڀاء منهنجي ان فيصلي کي ٻڌي ڪري خوشي مان جهومڻ لڳو ڇوتہ والد صاحب ڀريان ئي دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان گهڻي محبت ڪندو هو، موقعو ملندي ان مبلغ دعوت اسلامي والد صاحب تي انفرادي ڪوشش ڪندي منهنجي اجتماع ۾ شرڪت

جي اجازت گهري، والد صاحب منهنجي اصلاح جو ذريعو سمجهندي اخراجات ڏئي اجتماع ۾ وڃڻ جي خوشي سان اجازت ڏني، مقرر تاريخ تي عاشقان رسول سان گڏ اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت نصيب ٿي، اجتماع ۾ ٿيڻ وارا سنتن ڀريا بيان، ذكرالله ۽ رقت انگيز دعا منهنجي دل ۾ هلچل مچائي ڇڏي، مدني قافلي ۾ سفر جي دعوت ملڻ تي هٿوهٿ عاشقان رسول سان گڏ دعوت اسلامي جي مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويس. اَلحَمدُلله مدني قافلي ۾ عاشقان رسول جي صحبتن ۽ شفقتن مون سياهه ڪار ۽ بدڪار جي دل ۾ مدني انقلاب برپا ڪري ڇڏيو، گناهن کان توبه جو تحفو ۽ سنتن ڀري مدني لباس جو جذبو مليو، والدين جي حق تلفين جي معافي گهرڻ جو ذهن بڻيو، ڇهري تي سنت مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم يعني ڏاڙهي شريف ۽ سبز سبز عمامو شريف سجائڻ جي نيت ڪئي، مدني قافلي کان واپسي تي گهر ۾ داخل ٿيندي ئي والد صاحب جي قدمن تي ڪري پيس ۽ انهن کان روئي روئي ڪري معافي طلب ڪئي، اهڙي طرح مان سنتن جا مدني گل لٽائڻ ۾ مشغول ٿي ويس، ڪالهه تائين جيڪي مائٽ عزيز مون کي ڌسي ڪري لهرائيندا هئا، اَلحَمدُلله هاڻي اهي مون کي سيني سان لڳائيندا آهن، ڪالهه تائين خاندان ۾ بدترين هئس اَلحَمدُلله دعوت اسلامي جي ديني ماحول جي برڪت سان اڄ انهن وٽ "عزيز ترين" بڻجي ويو آهيان.

جب تک بِکے نہ تھے کوئی پوچھتا نہ تھا
تم نے خرید کر مجھے انمول کر دیا!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## گھر وارن کي نيڪي جي دعوت جي تاڪيد

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! عاشق رسول جي انفرادي ڪوشش رنگ لاتو ۽ معاشري جو هڪ ناسور بڻيل بدترين انسان سيني جي اکين جو تارو ۽ عزيز ترين مسلمان بڻجي ويو، اسان سيئي جيڪڏهن هر ملڻ واري کي نماز جي تلقين ڪيون، سنتن جي اجتماع جي دعوت ڏيون ۽ مدني قافلي ۾ سفر جي ترغيب ڏيندا رهون تہ ڏسندي ڏسندي معاشري ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويندو! خاص ڪري پنهنجي گھروارن کي بہ نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ گناهن کان بچائڻ گھرجي جيئن حضرت زيد بن اسلم رضی اللہ عنہ کان روايت آهي تہ سرڪار مدينہ، راحت قلب و سينہ صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم هي آيت شريف تلاوت فرمائي:

﴿قُوْٓا اَنْفُسَكُمْ وَاَهْلِيْكُمْ نَارًا﴾

(پ28، التحريم 6)

**ترجمو ڪنزالايمان**: پنهنجي پاڻ کي ۽ پنهنجي گھر وارن کي ان باھ کان بچايو.

صحابہ ڪرام علیہم الرضوان عرض ڪيو: يارسول الله صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم اسان پنهنجي گھر وارن کي ڪيئن باھ کان بچايون؟ سرڪارِ مدينہ صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم فرمايو: انهن کي ان ڪمن جو حڪم ڏيو جيڪي الله پاڪ کي محبوب آهن ۽ انهن کان منع ڪريو جيڪي الله پاڪ کي ناپسند آهن. (تفسير درمنثور ج 8 ص 225)

## خوف خدا جي ايمان افروز حڪايت

**پيارا اسلامي ڀائرو!** بيان ڪيل حديث پاڪ ۾ اسان جي پياري آقا صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم سيپاري 28 سورةُ التَّحرِيم جي آيت نمبر 6 جو جيڪو

حصو تلاوت فرمايو ان جي تفسير کان پهريان هڪ ايمان افروز حڪايت سماعت فرمايو، جيئن دعوت اسلامي جي اِداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 1012 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”جهنم ميں لے جانے والے اعمال“ جلد 2 صفحي 881 تي آهي: حضرت ابن عباس رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا تہ جڏهن الله پاڪ پياري پياري آقا مدني مصطفيٰ صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم تي اها آيت شريف نازل فرمائي:

﴿يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قُوْۤا اَنْفُسَكُمْ وَ اَهْلِيْكُمْ نَارًا وَّ قُوْدُهَا النَّاسُ وَالْحِجَارَةُ﴾
(پ: 28، التحرِيم: 6)

**ترجموڪنزالايمان:** اي ايمان وارؤ! پنهنجي پاڻ کي ۽ پنهنجي گهر وارن کي ان باهه کان بچايو جنهن جو بارڻ ماڻهو ۽ پٿر آهن.

تہ شهنشاهہ مدينہ، قرار قلب و سينہ صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم ان کي پنهنجي صحابہ ڪرام علیہم الرِّضوان جي سامهون تلاوت فرمائي تہ هڪ نوجوان بيهوش ٿي ڪري پيو، پاڻ صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم ان جي دل تي پنهنجو مبارڪ هٿ رکيو تہ اهو حرڪت ڪري رهيو هو، پاڻ صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم ارشاد فرمايو: ”اي نوجوان! لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ چئو.“ ان چيو تہ پاڻ صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم ان کي جنّت جي بشارت(يعني خوشخبري) ڏني صحابہ ڪرام علیہم الرِّضوان عرض ڪيو: يارسول الله صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم! ڇا اسان جي وچ ۾؟ (يعني اسان مان ڪنهن ٻي جي اهڙي حالت ٿئي تہ؟) پاڻ صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم ارشاد فرمايو: ڇا توهان الله پاڪ جو هي فرمان ناهي ٻڌو:

﴿ذٰلِكَ لِمَنْ خَافَ مَقَامِیْ وَ خَافَ وَعِیْدِ۝۱۴﴾
(پ: 13، ابراهيم: 14)

**ترجموڪنزالايمان:** اهو انهيءَ جي واسطي آهي جيڪو منهنجي درٻار ۾ بيهڻ کان ڊنو ۽ منهنجي عذاب جي حڪم کان خوف ڪيائين.

(المستدرڪ للحاڪم ج 3 ص 93 حديث 3390 الزواجر ج 2 ص 471)

## عذاب کان ڪيئن بچايون؟

حضرت علامہ مولانا سيِّد محمد نعيمُ الدّين مراد آبادي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه خزائنُ العِرفان ۾ هن آيت شريف يٰۤاَیُّهَا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا قُوْۤا اَنْفُسَكُمْ وَ اَهْلِیْكُمْ نَارًا جي حوالي سان فرمائن ٿا: ”الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرمانبرداري اختيار ڪري، عبادتون ڪري، گناهن کان پاسو ڪري ۽ گهر وارن کي نيڪي جي هدايت ۽ برائي سان روڪي ڪري انهن کي علم ۽ ادب سيکاري ڪري“ (اي ايمان وارؤ! پنهنجي پاڻ کي ۽ پنهنجي گهر وارن کي ان باھ کان بچايو)

## گهروارن کي نيڪي جون ڳالهيون ٻڌايو

حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ المُرتَضيٰ شيرِ خدا رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ بيان ڪيل آيت شريف جي حوالي فرمائن ٿا: پاڻ بہ ڀلائي جون ڳالهيون سکو ۽ پنهنجي گهروارن کي بہ نيڪي جون ڳالهيون ۽ ادب سيکاريو.
(جمع الجوامع للسيوطي ج 13 ص 244 حديث 6776)

## بالغ اولاد جي اصلاح جي باري ۾ اعليٰ حضرت جو فتويٰ

فتاويٰ رضويہ جلد 24 صفحي 370 تان هڪ معلوماتي فتويٰ آسان ڪري پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ملاحظ فرمايو:

**سوال**: بالغ اولاد کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ والدين تي فرض آهي يا واجب؟

**الجواب**: جنهن فعل (ڪم) جي جيڪا شرعي حيثيت آهي والدين جي لاءِ اصلاح بابت شرعاً اهو ئي حڪم آهي يعني فرض تي فرض، واجب تي واجب، سنّت تي سنّت، مُستَحب تي مُستَحب، پر قدرت جي شرط آهي بقدر قدرت، مَنفَعَت جي اميد سان (يعني جيتري قدرت هجي ان جي مطابق اصلاح جي ڳالهه ڇئو جڏهن ته نفعي جي اميد هجي) نہ تہ (قرآني حڪم واضح آهي)

عَلَيۡكُمۡ اَنۡفُسَكُمۡ ۚ لَا يَضُرُّكُمۡ مَّنۡ ضَلَّ اِذَا اهۡتَدَيۡتُمۡ ؕ
(پ: 7، المائده : 105)

**ترجمو ڪنزالايمان**: توهان پنهنجو فڪر رکو، توهان جو ڪو نقصان نہ ڪندو جيڪو گمراهہ ٿيو جڏهن توهان راهہ تي هجو.
(فتاويٰ رضويه ج 24 ص 370)

## جهنم جو تعارف

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اسان کي پنهنجي ۽ پنهنجي گهروارن جي اصلاح تي خاص تَوَجُّهہ ڏيندي پاڻ کي، ۽ انهن کي جهنم جي اونداهي ۽ خوفناڪ کاري باهہ کان بچائڻ جي مسلسل ڪوشش جاري رکڻ گهرجي، خدا جو قسم! جهنم جي باهہ تمام سخت آهي! ان کي ڪنهن صورت ۾ بہ ڪو برداشت نہ ڪري سگهندو. فرض نماز، روزو، زڪواة ۽ حج ۾ ڪوتاهي ڪرڻ وارن، ماءُ پيءُ کي ستائڻ وارن، پنهنجي اولاد کي شريعت ۽ سنّت جي مطابق تربيت نہ ڪرڻ وارن، پنهنجي پٽن کي ڏاڙهي رکڻ کان روڪڻ وارن ۽ پاڻ بہ

ڏاڙهي ڪوڙائڻ وارن، ڏاڙهي کي هڪ مُشت کان گهٽائڻ وارن، ملاوٽ وارو مال دوکي سان گراهڪ کي ڏيڻ وارن، ڌوکو ڪري سودو هلائڻ وارن، چورن، ڌاڙيلن، جيب ڪترن، ٽي وي (T.V)، وي سي آر (V.C.R) ۽ انٽرنيٽ (Internet) تي فلمون ڏسڻ وارن، گانا باجا ٻڌڻ وارن، پنهنجي گهروارن کي ان جي سهولت فراهم ڪرڻ وارن، پنهنجي گهرن تي فلمون ڏسڻ جي لاءِ ڊش انٽينا (DishAntenna) لڳائڻ وارن، ماڻهن کي فلمن جي ليڊ (Lead) يا ڪيبل (Cable) ڏيڻ وارن! ۽ طرح طرح سان گناهن جو بازار گرم ڪرڻ وارن جي لاءِ ڳڻتي جو مقام آهي، يقين ڪيو! جهنم جي اونداهي ۾ ٻڏل ڪاري باهه برداشت نه ٿي سگهندي، ترمذي شريف ۾ حضرت ابوهريره رضی اللہ عنہ کان روايت آهي ته سرڪارِمدينه، راحت قلب و سينه صلّی اللہ علیہ والہ وسلّم جو فرمان عبرت نشان آهي: دوزخ جي باهه هزار سال ٻاري وئي ايستائين جو اها لال ٿي وئي وري هزار سال پڙڪائي وئي ايستائين جو سفيد ٿي وئي وري هزار سال پڙڪائي وئي ايستائين جو سياهه (يعني ڪاري) ٿي وئي هاڻي اها نهايت ڪاري آهي. (سنن ترمذي ج 4 ص 266 حديث 2600)

## جهنم جي دهشتناڪ ڪهاڻي جبرئيل جي زباني

خدا جو قسم! جهنم جو عذاب ڪنهن کان به برداشت نه ٿيندو، حضرت امام حافظ ابوالقاسم سُليمان طَبَراني رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪن ٿا: هڪ ڀيري سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صلّی اللہ علیہ والہ وسلّم جي عاليشان دربار ۾ حضرت جبرئيل علیہ السّلام حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيو: يارسولَ الله صلّی اللہ علیہ والہ وسلّم! ان ذات جو قسم! جنهن توهان

(صلّى الله عليه واٰلهٖ وسلّم)کي برحق نبي بڻائي کري موڪليو آهي، جيڪڏهن جهنم کي سوئي جي سوراخ برابر کوليو وڃي ته تمام زمين وارا ان جي گرمي کان مري وڃن، جيڪڏهن جهنم وارن جو هڪ ڪپڙو زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ لٽڪايو وڃي ته تمام زمين وارا موت جي گهاٽ لهي وڃن، آقا صلّى الله عليه واٰلهٖ وسلّم! ان ذات جو قسم!جنهن اوهان کي حق سان گڏ مَبۡعُوث فرمايو جيڪڏهن جهنم تي مقرر ملائڪن مان هڪ ملائڪ دنيا وارن جي سامهون ظاهر ٿي وڃي ته ان جي هَيبَت سان سڄي زمين وارا مري وڃن، سرڪار صلّى الله عليه واٰلهٖ وسلّم! ان ذات جو قسم! جنهن اوهان کي برحق رسول بڻائي موڪليو آهي، جهنم جي زنجيرن جو هڪ حلقو (يعني ڪڙو) جنهن جو ذڪر قرآن ڪريم ۾ فرمايو ويو آهي جيڪڏهن ان کي دنيا جي جبلن تي رکيو وڃي ته اهي به ذرا ذرا ٿي وڃن ۽ تحتَ الثَّريٰ (يعني ستين زمين جي هينان) وڃي پهچن. سرڪار صلّى الله عليه واٰلهٖ وسلّم فرمايو: اي جبرئيل (عليه السّلام)! بس ڪيو ايترو تذڪرو ڪافي آهي، ڪٿي ائين نه ٿئي جو منهنجي دل نه ڦاٽي پوي ۽ مان وفات نه ڪري وڃان، پياري آقا صلّى الله عليه واٰلهٖ وسلّم جبرئيل اَمين (عليه السّلام) کي ملاحظ فرمايو ته روئي رهيا هئا، فرمايائون: اي جبرئيل عليه السّلام! توهان ڇو روئي رهيا آهيو؟ بارگاهِ خداوندي ۾ اوهان کي هڪ خاص مقام حاصل آهي، عرض ڪيائين: يارسول الله (صلّى الله عليه واٰلهٖ وسلّم) مان ڇو نه روئان، ڪٿي ائين نه ٿئي جو علمِ الٰهي ۾ موجوده حالت جي بجائي منهنجي ڪا ٻي حالت هجي، ڪٿي ابليس جيان مون کي به امتحان ۾ نه وڌو وڃي، ڪٿي هاروت ۽ ماروت جيان مون کي به آزمائش ۾ مبتلا نه ڪيو وڃي.

راوي ٻڌائن ٿا، رسول الله صلّی الله علیهٖ واٰلهٖ وسلّم بہ روئڻ لڳا، حضرت جبرئيل (علیه السّلام) بہ روئي رهيا هئا، ٻئي حضرات روئيندا رهيا، آخرڪار آواز آيو: ”اي جبرئيل (علیه السّلام)! اي محمد (صلّی الله علیهٖ واٰلهٖ وسلّم) الله تبارڪ و تعالیٰ اوهان ٻنهي کي پنهنجي نافرماني کان محفوظ ڪري ورتو آهي.“ حضرت جبرئيل علیه السّلام آسمان ڏانهن پرواز ڪري ويا، سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صلّی الله علیهٖ واٰلهٖ وسلّم ٻاهر تشريف وٺي آيا، ڪجهہ صحابہ ڪرام (علیهم الرضوان) جي پرسان گذريا جيڪي کلي ۽ ڪيڏي رهيا هئا، فرمايائون: ”توهان کلي رهيا آهيو ۽ توهان جي پويان جهنم آهي، جيڪڏهن توهان اهي ڳالهيون ڄاڻو ها جيڪي مان ڄاڻان ٿو تہ توهان گهٽ کِلو ها ۽ وڌيڪ روئو ها، ۽ توهان کائڻ پيئڻ ڇڏي ڏيو ها ۽ جبلن ڏانهن نڪري وڃو ۽ خوب مشقتون برداشت ڪري عبادت الٰهي بجا آڻيو ها“ آواز آيو: اي محمد (صلّی الله علیهٖ واٰلهٖ وسلّم) منهنجي ٻانهن کي مايوس نہ ڪيو، مون اوهان کي خوشخبري ڏيڻ وارو ٻڌائي موڪليو آهي ۽ تنگي ڪرڻ وارو نہ ٻڌائي موڪليو آهي، رسول الله صلّی الله علیهٖ واٰلهٖ وسلّم فرمايو: سڌي راهہ تي هلو ۽ ميانہ رَوِي (يعني وچٿري راهہ) اختيار ڪريو.

(المعجم الاوسط للطبراني ج 2 ص 78 حديث 2583)

## افسوس! اسان جي دل ناهي لرزندي

پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو تہ اسان جا پيارا آقا صلّی الله علیهٖ واٰلهٖ وسلّم معصوم بلڪ سيّدُ المَعصُومين ٿي ڪري بہ ۽ جبرئيل امين (علیه السّلام)

بہ معصوم ۽ معصوم ملائڪن جا آقا هجڻ جي باوجود جهنَّم جي عذاب جو تذڪرو ٻڌڻ تي خوفِ خدا ۾ روئن. ۽ هڪ اسان آهيون جو گناهہ مٿان گناهہ ڪندا وڃون پر جهنَّم جو هولناڪ تذڪرو ٻڌي ڪري بہ دل نہ تڙپي، ۽ نہ ئي اسان جو هنيانءُ ڏڪي ۽ نہ ئي ڳوڙها وهن، افسوس! عذابِ جهنَّم جون خوفناڪ ڳالهيون ٻڌي ڪري بہ نہ پشيماني آهي نہ ئي پريشاني، نہ شرمندگي آهي نہ ئي ندامت.

نَدامت سے گناہوں کا اِزالہ کچھ تو ہو جاتا
ہمیں رونا بھی تو آتا نہیں ہائے ندامت سے

(وسائل بخشش، ص 238)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## رات جي تنهائي ۾ آيتون ٻڌي ڪري وفات

اسان جي بزرگان دين رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه جي اها حالت هوندي هئي جو جهنَّم جو تذڪرو ٻڌي ڪري يا جهنَّم جي عذابن جي بيان تي مشتمل قرآني آيتون ٻڌي ڪري بيهوش ٿي ويندا هئا بلڪ بعض جا تہ روح بہ نڪري ويندا هئا جيئن حضرت منصور بن عمار رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه فرمائن ٿا: حج جي سفر دوران ڪوفي جي هڪ گهٽي ۾ ترسيل هئس، اونداهي رات ۾ ڪنهن ضرورت ڪارڻ نڪتس، هڪ گهر مان رقت انگيز مُناجات جو ڪجهہ اهڙي طرح آواز ٻڌو: اي منهنجا پروردگار تنهنجي عزت ۽ تنهنجي جلال جو قسم! مون پنهنجي مَعصِيَت ۾ تنهنجي مخالفت جو ارادو نہ ڪيو هو، ها ايترو ضرور آهي تہ گناهہ ڪندي وقت تون کان اڻ واقف بہ نہ هئس، بس مون کان گناهہ ٿي ويو آهي ۽ مون کي تنهنجي ڍِرَ ڏيڻ واري پرده پوشي گناهہ تي دلير

ڪيو آهي، ۽ منهنجي بدبختي گناهہ تي منهنجي مدد ڪئي ۽ مان ناداني جي سبب نافرماني ۾ مبتلا ٿي ويس، هاڻي مان تنهنجي فضل ڪان اميد رکان ٿو تہ تون منهنجو عذر قبول فرمائيندين، هاڻي جيڪڏهن تو منهنجي معذرت قبول نہ ڪئي ۽ مون تي رحم نہ فرمايو تہ هاءِ عذاب ۾ منهنجي غم جو اضافو! جڏهن اهو خاموش ٿي ويو تہ مون سيپاري 28 سورة التحريم جي ڇهين آيت شريف پڙهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قُوْۤا اَنْفُسَكُمْ وَ اَهْلِيْكُمْ نَارًا وَّ قُوْدُهَا النَّاسُ وَ الْحِجَارَةُ عَلَيْهَا مَلٰٓىٕكَةٌ غِلَاظٌ شِدَادٌ لَّا يَعْصُوْنَ اللّٰهَ مَاۤ اَمَرَهُمْ وَ يَفْعَلُوْنَ مَا يُؤْمَرُوْنَ۝۶

(پ: 28، التحريم: 6)

**ترجمو ڪنزالايمان**: اي ايمان وارؤ! پنهنجي پاڻ ڪي ۽ پنهنجي گهر وارن ڪي ان باهہ ڪان بچايو جنهن جو ٻارڻ ماڻهو ۽ پٿر آهن. ان تي سخت طاقتور ملائڪ مقرر آهن جيڪي اللّٰه جي حڪم جي نافرماني نہ ڪندا آهن ۽ جيڪي انهن ڪي حڪم هجي سو ئي ڪندا آهن.

آيت شريف پڙهڻ ڪان پوءِ مون هڪ وڏي رَڙ ۽ ڏڪار سان ڪِرڻ جو آواز ٻڌو ۽ ان ڪان پوءِ خاموشي طاري ٿي وئي ۽ ڪنهن قسم جي ڇُرپُر جو آواز محسوس نہ ٿيو، پوءِ مان پنهنجو ڪم پورو ڪري پنهنجي رهائش گاهہ تي واپس موٽيس، جڏهن مان صبح جو ان پاسي ويس تہ ماڻهو تعزيت جي لاءِ جمع هئا ۽ روئڻ جو آواز بہ اچي رهيو هو، اتي مون هڪ ڪمزور پوڙهي ڏني جيڪا چئي رهي هئي: اللّٰه تعالٰي منهنجي پٽ جي قاتل ڪي جزاءِ خير نہ ڏئي ان منهنجي پٽ وٽ عذابِ الٰهي جي بيان تي مشتمل آيت شريف تلاوت ڪئي؛ جنهن ڪي برداشت نہ ڪندي هو خوفِ خدا سبب

ڪريو ۽ فوت ٿي ويو، حضرت منصور بن عمار رحمۃ اللہ علیہ چون ٿا:
ان رات مون خواب ۾ هڪ شخص ڏٺو جيڪو مون کي چئي رهيو
هو: مان ئي اهو شخص هئس جنهن اوهان جي زباني سورة التحريم
جي ڇهين آيت ٻڌي ڪري خوفِ خدا جي سبب دم ڏنو هو، مون پڇا
ڪئي: مافَعَلَ اللّٰهُ بِکَ؟ الله تعاليٰ اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟
ان جواب ڏنو: الله پاڪ مون سان اهو ڪيو جيڪو شهداءِ بدر سان
ڪيو، مون پڇا ڪئي اهو ڪيئن؟ ان چيو: انهي ڪري جو الله
پاڪ انهن کي ڪافرن جي تلوار سان شهيد ڪيو ۽ مون کي
پنهنجي عشق جي تلوار سان. (بتغير مواعظ حسنه ص 42، 43)

خدایا ترے خوف کاہوں میں سائل ... سدا دل رہے تیری الفت میں گھائل
گناہوں سے ہر آن ڈرتا رہوں میں ... فقط نیک ہی کام کرتا رہوں میں
تُو کر در گزر مجھ کو ہر معصیت سے ... نوازا ے خدائے کریم مغفرت سے

اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب ... صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## گهروارن کي بہ نيڪي جي دعوت ڏيو

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! خائِفِين (يعني الله کان ڊڄڻ وارن) جو
بہ ڇا شان هوندو آهي! جنهن آيت شريف کي ٻڌي ڪري خوفِ خدا
رکڻ واري ٻانهي دم ڏنو ان ۾ پاڻ سان گڏ پنهنجي گهر وارن کي بہ
جهنم جي باهہ کان بچائڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي، هر هڪ کي
گهرجي تہ پاڻ بہ نيڪيون ڪري گناهن کان بچي، ۽ گهر وارن جي
اصلاح جو سامان ڪندو رهي، حضرت علامہ قُرطُبي رحمۃ اللہ علیہ حضرت

سيِّدُنا اِلْکِيا رحمۃ اللہ علیہ جو قول نقل فرمايو: اسان تي فرض آهي تہ پنهنجي اولاد ۽ پنهنجي گهروارن کي دين جي تعليم ڏيون، چڱيون ڳالهيون سيکاريون ۽ ان ادب ۽ هنر جي تعليم ڏيون جنهن کان سواءِ ڪو چارو ناهي. (تفسير قرطبي ج 9 ص 148)

## ٻارڪي سڀ کان پهريان دين سيکاريو

حضرت علامہ مولانا مفتي امجد علي اعظمي رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: سڀ کان مقدم هي آهي تہ ٻارن کي قرآن شريف پڙهايو ۽ دين جون ضروري ڳالهيون سيکاريون وجن روزو، نماز، طهارت ۽ بَيع ۽ اِجارو(يعني خريد ۽ فروخت ۽ اُجرت جي لين دين) ۽ ٻين معاملن جا مسئلا جنهن جي روزانو حاجت پوندي آهي ۽ ناواقفي سبب خلافِ شرع عمل ڪرڻ جي جرم ۾ مبتلا ٿيندا آهن ان جي تعليم ٿئي، جيڪڏهن ڏسو تہ ٻار کي علم ڏانهن لاڙو آهي ۽ سمجهہ دار آهي تہ علم دين جي خدمت کان وڌيڪ ڪهڙو ڪم آهي ۽ جيڪڏهن اِستِطاعت نہ هجي تہ تصحيح ۽ عقائد جي تعليم ۽ ضروري مسئلن جي تعليم کان پوءِ جنهن جائز ڪم ۾ لڳايو اختيار آهي. (بہارشریعت،256/2،حصہ:8) ڇوڪريءَ کي بہ عقائد، ضروري مسئلا سيکارڻ کان پوءِ ڪنهن عورت کان سلائي ۽ نقش و نگار وغيره جو اهڙو ڪم سيکاريو جنهن جي عورتن کي اڪثر ضرورت پوندي آهي ۽ رڌ پچاءُ ۽ ٻين گهريلو ڪمن ۾ ان کي سليقو سيکارڻ جي ڪوشش ڪيو جو سليقي واري عورت جنهن خوبي سان زندگي بسر ڪري سگهي ٿي بدسليقہ اهو نٿي ڪري سگهي

(بہار شریعت،257/2،حصہ:8۔ردالمحتار،279/5)

## اولاد کي سخاوت ۽ احسان جي تعليم ڏيڻ واجب آهي

دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 1197 صفحن تي مشتمل ڪتاب بهار شريعت جلد 3 صفحي 68 تي آهي: امام ابو مَنصور ماتُرِيدي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مؤمن تي پنهنجي اولاد کي جُود (يعني سخاوت) ۽ احسان جي تعليم ائين ئي واجب آهي جيئن توحيد ۽ ايمان جي تعليم واجب آهي ڇو تہ جُود ۽ احسان جي ڪري دنيا جي محبت پري ٿيندي آهي ۽ دنيا جي محبت هر گناهہ جي جڙ آهي. (درمختار ج 8 ص 568)

## بي اولاد کي جڏهن اولاد مليو

چيو وڃي ٿو: هڪ مالدار شخص کي اولاد نہ هيو، هن ان جي لاءِ وڏا حيلا ڪيا پر ڪاميابي نہ ملي ڪنهن مشورو ڏنو تہ مڪي شريف حاضر ٿي ۽ مسجد الحرام شريف جي اندر مقام ابراهيم وٽ دعا گهرو اِنۡ شَآءَاللّٰه الْکَرِيۡم! اوهان جو ڪم ٿي ويندو، ان ائين ئي ڪيو الله پاڪ ان کي چند جهڙو پٽ ڏنو، ان وڏي لاڏ پيار سان ان جي پرورش ڪئي، اڪيلي اولاد کي ضرورت کان وڌيڪ پيار مليو ۽ درست تربيت نہ ڪئي وئي، جنهن جي ڪري هو آواره ۽ فضول خرچ ڪرڻ وارو ٿي ويو، پيءُ کي گهڻي دير کان پوءِ هوش آيو، ان پنهنجي بگڙيل پٽ کي پيسا ڏيڻ بند ڪري ڇڏيا، انهيءَ ڪري اهو پنهنجي پيءُ جو مخالف ٿي ويو ۽ جتي سندس پيءُ اولاد جي لاءِ دعا گهري جنهن سبب هي ڄائو هو، اتي ئي يعني مڪي شريف ۾ حاضر ٿي ڪري مقام ابراهيم وٽ ويهي ڪري اهو نالائق پٽ پنهنجي پيءُ

جي مرڻ جي دعا گهرڻ لڳو تہ جيئن پيءُ جي موت جي صورت ۾ ان جو ترڪو (يعني ورثي) ۾ ان کي دولت هٿ اچي وڃي.

## اولاد جي طلبگارن جي لاءِ نيڪي جي دعوت

پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪي ماڻهو بي اولادي سبب افسوس ۽ غم ڪندا آهن! انهن جي لاءِ هن حڪايت ۾ عبرت ئي عبرت آهي، الله پاڪ کان صرف ”اولاد“ جو نہ بلڪ عافيّت واري اولاد جو سوال ڪرڻ گهرجي، نہ تہ ڪٿي ائين نہ ٿئي جو اولاد تہ هجي پر سخت بيمار هجي يا معذور هجي يا آپريشن سان اچي يا ايندي ئي پنهنجي ماءُ جي موت جو سبب بڻجي، جيئن تہ پهرين ويم ۾ ڪيئي مائرون فوت ٿي وينديون آهن وغيره، ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي جو ٻار وڏو ٿي ڪري بي نمازي بڻجي ويندو آهي، ماء پيءُ کي ستائيندو آهي بري صحبت جي ڪري نشي جو عادي ٿي ويندو آهي، يا چور ڌاڙيل بڻجي ڪري معاشري ۾ اُڀرندو آهي يا بد عقيده ماڻهن جي صحبت جي ڪري بدمذهب ٿي ويندو آهي ايستائين جو ڪڏهن ڪڏهن مَعَاذَا الله گستاخ رسول بڻجي ڪري يا صريح ڪفر بڪي ڪري يا اسلام کان مُنحَرِف (يعني باغي) ٿي ڪري مُرتَد ٿي ويندو آهي، بهرحال ڪنهن جو دنيا ۾ ”اچڻ“ دنيا ۽ آخرت جي ڪوڙ سارن امتحانن ۾ مبتلا ٿي وڃڻ آهي، انهي ضمن ۾ دعوت اسلامي مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 692 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب“ صفحي 5 کان 6 تي ڏنل مضمون نهايت عبرت انگيز آهي، ٿوري وضاحت سان عرض ڪيان ٿو: حديث پاڪ ۾ ڪثرتِ اُمت جي ترغيب ڏياري وئي آهي ۽ اسان جا پيارا پيارا آقا،

مصطفيٰ جان رحمت صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم قيامت جي ڏينهن هن اُمت جي گهٽائي تي خوش ٿيندا ۽ ٻين اُمتن تي فخر ڪندا تنهنڪري اولاد جي حصول جي خواهش دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي حاصل ڪرڻ جي لاءِ سنيون سنيون نيتون ڪرڻ گهرجن، اڄ دنيا ۾ جيڪو بي اولاد دل جلائي ٿو ۽ اولاد حاصل ڪرڻ جي لاءِ خبر ناهي ڪهڙا ڪهڙا حيلا ڪندو آهي، جيڪڏهن ان جو اصلي مقصد فقط گهر جي زينت ۽ دنيا جي راحت آهي، حصول اولاد سان ان جو مقصد آخرت جي نفعي جي ڪا سني نيت ناهي، ته اهڙو بي اولاد ماڻهو ڄاڻي واڻي ”ڪنهن جي دنيا ۾ پيدا ٿيڻ ۽ وڏي امتحان ۾ مبتلا ٿيڻ جي آرزو ڪري رهيو آهي!“ منهنجي هي ڳالهه شايد اهو شخص سمجهي سگهي ٿو جيڪو ”بري خاتمي جي خوف“ ۾ مبتلا هجي، هڪ خائِف (يعني خوفِ خُدا رکندڙ) بزرگ حضرت فُضَيل بن عِياض رحمۃُ اللہ علیہ جي فرمان جو خلاصو آهي: مون کي وڏي کان وڏي نيڪ ٻانهي تي به رشڪ ناهي ايندو جيڪو قيامت جي هولناڪين جو مشاهدو ڪري (يعن ڏسندو)، مون کي صرف ان تي رشڪ ايندو آهي جيڪو ”ڪجهه به نہ“ هجي. (يعني پيدا ئي نہ ٿيو) (حليةُالاولياء ج 8 ص 93 رقم 11470 ملخصاً)

اميرالمُومِنين حضرت فاروق اعظم رضی اللہ عنہ خوف جي غلبي وقت فرمايو: ڪاش! مون کي منهنجي ماءُ نہ ڄڻي ها!
(الطبقات الکُبريٰ لابن سعد ج 3 ص 274)

**الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

اٰمِين بِجاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم

کاش! کہ میں دُنیا میں پیدا نہ ہُوا ہوتا
قبر و حَشر کا ہر غم ختم ہو گیا ہوتا
آہ! کثرتِ عِصیاں ہائے خوفِ دوزخ کا
کاش! اِس جہاں میں نہ بشر بنا ہوتا
آہ! سَلبِ ایماں کا خوف کھائے جاتا ہے
کاش! میری ماں نے ہی مجھ کو نہ جنا ہوتا

(وسائلِ بخشش ص۲۵۸،۲۵۶)

## هڪ عالم پيءُ جو عبرت ناڪ انجام

ماءُ پيءُ جي حق ۾ اولاد ڪڏهن نعمت ۽ ثابت ٿيندو آهي پر صحيح اسلامي تربيت تي والدين جي توجه نہ ڏيڻ جي ڪري وڏي زحمت ۽ بڻجي ويندو آهي. هن ڳالهہ ڪي حِليَةُ الاولياء ۾ بيان ٿيل حڪايت مان سمجهڻ جي ڪوشش ڪيو جيئن مالڪ بن دينار رَحمَةُ اللهِ عَليه فرمائن ٿا، منقول آهي: بني اسرائيل ۾ هڪ عالم صاحب گهر ۾ اجتماع ڪري ان ۾ بيان ڪندو هو، هڪ ڏينهن ان جي نوجوان پٽ هڪ خوبصورت ڇوڪريءَ ڏانهن اک سان اشارو ڪيو جنهن ڪي ان عالم صاحب ۾ ڏسي ورتو ۽ چيو: ”اي پٽ صبر ڪر“ هي چوندي ئي عالم صاحب پنهنجي منچ (يعني اسٽيج) تان منهن ڀر ڪري پيو ايستائين جو ان جي هڏين جا ڪجهہ جوڙ ۾ ٽٽي پيا، سندس گهرواريءَ جو حمل ضايع ٿي ويو ۽ ان جا پٽ جنگ ۾ مارجي ويا، الله پاڪ ان وقت جي نبي عَلَيهِ السَّلام ڪي وحي فرمائي تہ فلاڻي عالم ڪي خبر ڏيو تہ مان ان جي نسل مان ڪڏهن صديق پيدا نہ ڪندس، ڇا منهنجي لاءِ صرف ايترو ئي ناراض ٿيڻو هو جو اهو

پٽ کي چئي: ”اي پٽ صبر ڪر“ (حلية الاوليا ج 2 ص 422 رقم 2823) مطلب هي تہ ان پنھنجي پٽ تي سختي ڇونہ ڪئي ۽ ان کي ان بري حرڪت کان چڱي طرح ڇو نہ روڪيو؟ هن روايت ۾ ”صديق“ جو ذڪر آهي، اولياءِ ڪرام ۾ سيني کان افضل قسم صديق جو آهي، اَلحَمدُلله ! اسان جا غوث اعظم رحمۃ اللہ علیہ صديق هئا.

## پينسل جي چوري کان ڦاسي جي گھاٽ تائين

پيارا اسلامي ڀائرو! اولاد جي اهڙي تربيت ڪرڻ گھرجي جو اهي ننڍپڻ کان ئي چڱاين سان پيار ڪن ۽ برائين کان بيزار رهن، جيڪڏهن ائين نہ ڪيو ويو تہ ٿي سگھي ٿو تہ ٻار بگڙي وڃي ۽ وڏو ٿي ڪري ڪجھ ڪري وني جيئن تہ ٿيو وڃي ٿو تہ هڪ خطرناڪ ڌاڙيل گرفتار ڪيو ويو، مقدمو هليو،ان تي ڌاڙن ۽ قتل جون مختلف وارداتون ثابت ٿيون جنھن جي ڪري ان کي ڦاسي جي سزا ٻڌائي وئي، جڏهن ان جي ڦاسي جو وقت قريب ٿيو تہ ان کان سندس آخري خواهش پڇا ڪئي وئي ان پنھنجي ماءُ سان ملاقات ڪرڻ جي خواهش ظاهر ڪئي، پوءِ ان جي ماءُ کي گھرايو ويو، جيئن ئي ان پنھنجي ماءُ کي ڏٺو تہ هڪدم ان تي حملو ڪري ڏنو ۽ رانبوٽا هڻڻ ۽ مارڻ شروع ڪري ڇڏيو، ڊيوٽي تي مقرر عملي جئين تيئن ڪري زخمي ماءَ کي بي رحم پٽ جي چنبي مان ڇڏايو، جڏهن ان ڌاڙيل کان اهڙي ڪريل حرڪت جي باري ۾ پڇيو ويو تہ چيائين: مون کي ڦاسي جي گھاٽ تائين پهچائڻ واري اها ماءُ آهي، اصل ۾ قصو هي آهي تہ مان ننڍپڻ جي لاشعوري جي دور ۾

اسڪول ۾ هڪ شاگرد جي پينسل چوري ڪئي ۽ گهر اچي ماءُ کي ڏيکاري، ماڻي هن کي ڪپي ها تہ مون کي ان غلط ڪم کان نفرت ڏياري ها پر هوءَ صرف مسڪرائي ڪري چپ ٿي وئي، ان وقت مون ۾ عقل ئي ڪيترو هو! مون سمجهيو تہ مون ڪو سٺو ڪارنامو ڪيو آهي! تنهنڪري منهنجو حوصلو وڌيو ۽ وڏيڪ پينسلون ۽ ڪاپيون چوري ڪرڻ لڳس، جڏهن وڏو ٿيس تہ چوري جي عادت ڪافي پڪي ٿي چڪي هئي ۽ دل بہ وڌي چڪي هئي پوءِ مون ڌاڙا هڻڻ شروع ڪيا، انهيءَ قُرلُٽ ۾ مون کان ڪجھ قتل جون وارداتون پڻ ٿيون ۽ مان خطرناڪ ڌاڙيل بڻجي ويس، آخر پوليس جي هٿان گرفتار ٿي ڪري اڄ پنهنجي نالائق ماءُ جي غلط تربيت جي ڪري ڪجھ گهڙين کان پوءِ پنهنجي ڳچي ۾ ڦاسي جو ڦندو پائڻ وارو آهيان.

## آخرت جي سزا جي مقابلي ۾ دنيا جي سزا ڪجھ بہ نہ آهي!

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! ننڍپڻ جي غلط تربيت ڪهڙو رنگ لاتو! ٿي سگهي تہ ڪو سوچي تہ اسان پنهنجي ٻار کي چور ٿوري بڻائي رهيا آهيون! نيڪ آهي سيئي والدين"معروف چوري" يعني باقاعده ٻين جو مال چورائڻ جي تعليم نٿا ڏين پر صرف چوري ئي کي تہ برائي نٿو چئجي ۽ ٻيون بہ ڪيتريون برائيون آهن جيڪي ڪيئي ماءُ پيءُ اڄڪلھ پنهنجي اولاد کي سيکاريندا آهن مثلاً ڪوڙ ڳالهائڻ، ڌوڪو ڏئي ڪري گهٽ تورڻ مال وڪڻڻ وغيره، ڇا ورياجي لين دين، ناقص مال عمدو

ظاهر ڪري وڪڻڻ جو گُر سيکارڻ، پٽ کي ڏاڙهي وڌائڻ ۽ ڌيءَ کي شرعي پردو ڪرڻ وغيره کان روڪڻ گناهه ناهي؟ ڇا ائين ڪرڻ وارا معاشري جا ”مهذب چور ۽ سفيد پوش ڏاڙيل“ نٿا چئي سگهجن؟ هي دنيا ۾ معزز نظر اچڻ وارا ڇا آخرت ۾ به عزت ملڻ جي اميد رکي ويٺا آهن! **خدا جو قسم!** ان ڏاڙيل کي ٿيڻ واري ڦاسي جي دنياوي تڪليف ۽ ان جي ماءَ کي پهچڻ واري گهڙي کن جي تڪليف جي مقابلي ۾ اولاد جي گناهن جي تربيت ڏيڻ وارن کي ملڻ واري عذاب جو ڪروڙون حصو ڪروڙين ڪروڙ درجا شديد ۽ سخت هوندو. الاَمان والحفيظ

## پيءُ کي ساڙڻ جي لاءِ ڪاٺيون وٺي اچان

اسان جي موجوده معاشري جو هڪ عجيب ۽ دل جلائڻ وارو واقعو پڙهو ۽ تعجب ڪيو، جو والدين جي طرفان سنتن ڀري تربيت نه ملڻ جي صورت ۾ اولاد ڪهڙا ڪهڙا انوکا ڪارناما انجام ڏيندو آهي! حيدرآباد (سنڌھ) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي ته 2001ع ۾ اسان جي علائقي ۾ هڪ تمام وڏي سيٺ جو انتقال ٿيو، ماڻهو ان جي عاليشان بنگلي ۾ جمع هئا مرحوم جو 19 سالن جو پٽ جيڪو هڪ ماڊرن اسڪول ۾ پڙهندو هو، ڪٿي وڃڻ جي لاءِ هڪدم اُٿيو، ڪنهن ان جلدي جو سبب پڇيو ته چوڻ لڳو: منهنجو والد صاحب مون سان گهڻي محبت ڪندو هو، مون سوچيو ته آخري وقت ۾ پنهنجي هٿن سان انهن جي ڪجهه خدمت ڪيان، ان جي ميّت کي ساڙڻ جي لاءِ مان پاڻ ڪاٺيون وٺي ايندس، هي ٻڌي ڪري ماڻهن

جي حيرت جي انتها نہ رهي جو ان جو پيءُ تہ مسلمان هو پوءِ ان کي ساڙڻ جي لاءِ کاڻيون چو پيو ونڻ وڃي! غور ڪيو تہ اندازو ٿيو تہ ان نادان غيرمسلمن جي فلمن ۾ لاش ساڙڻ جا منظر ڏٺا هوندا تہ ان جي ذهن ۾ هي ڳالهہ ويهي وئي هوندي تہ جيڪو بہ مري وڃي ان کي ساڙڻو پوندو آهي، ان فلمن ڏسڻ جي شوقين کي هي خبر بہ نہ هوندي تہ مسلمانن کي ساڙيو ناهي ويندو بلڪ دفنايو ويندو آهي، بهرحال ان جي مرحوم والد جي تدفين ڪئي وئي، جڏهن ان عبرتناڪ واقعي جي خبر ان علائقي جي ماڻهن کي پئي تہ انهن کي وڏي عبرت ٿي، ڪيئي نوجوانن جوش ۾ اچي ڪري "ڪيبل" ڪٽي ڇڏي، ڪجھ عرصو هي صورتحال رهي پر آهستہ آهستہ نفس ۽ شيطان غالب آيو ۽ ڪيبل وري لڳائي وئي!

سرورِدیں! لیجے اپنے ناتوانوں کی خبر
نفس و شیطاں سیِّدا کب تک دباتے جائیں گے

(حدائقِ بخشش شريف،ص157)

**شرح ڪلام رضا:** منهنجا آقا اعليٰ حضرت رحمۃُ اللہِ علیہ جي ان شعر جي معنيٰ آهي: يارسول الله صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم! اسان ڪمزور غلامن جي گناهن کان حفاظت فرمايو، اي آقا! اسان گناهن جي مرض کان آخر ڪڏهن شفا حاصل ڪنداسين! آخر هي نفس ۽ شيطان ڪيستائين گناهن ۾ ڦاسائيندو رهندو! (نفس ۽ شيطان جي شر کان بچڻ جو هڪ بهترين طريقو هي بہ آهي تہ ڪنهن پيرِ ڪامل جو مريد بڻجي وڃو جو ان جي جامع شرائط پير تي نفس ۽ شيطان جا وار هلي نہ سگهندا تہ ان جي برڪت سان مريد جي حفاظت جي بہ صورت بڻجي ويندي هڪ سرائيڪي شاعر تمام سنو چيو آهي):

پیر دے ہتھ وِچ ہتھ کُوں ڈے کر

نفس دی بانہہ مروڑتاں توں ہِک تھیویں

(يعني پنهنجو هٿ ڪنهن ڪامل پير جي هٿن ۾ ڏئي ڪري نفس جي ٻانهن موڙي ڇڏ تہ جيئن تو کي مقام فنائيت ملي)

## ايصال ثواب جو انتظار!

پيارا اسلامي ڀائرو! ان انوکي واقعي ۾ عبرت ئي عبرت آهي جيڪڏهن اوهان اڄ زنده آهيو پر سڀاڻي يقيناً مرڻو پوندو، جيڪڏهن اوهان پنهنجي پٽ کي صرف ۽ صرف دنيا پڙهائي، دولت ڪمائڻ سيکاري، خوب موسيقي ٻڌرائي، هڪ کان هڪ فلم ڏيکاري، ديني تعليم نہ ڏياري نہ ئي سيکاري، مسجد جي راهہ نہ ڏيکاري، ان جي دل ۾ محبت رسول جي شمع نہ جلائي، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت جي نشاني پياري پياري مبارڪ ڏاڙهي ان جي چهري تي نہ سجرائي بلڪ نيڪ ناڪ فيشن ڪرايو تہ ياد رکو! نہ اهو اوهان جو جنازو پڙهي سگهندو ۽ نہ ئي اوهان جي لاءِ ايصال ثواب ڪري سگهندو، حالانڪ مرڻ کان پوءِ ايصال ثواب جي اوهان کي تمام گهڻي حاجت هوندي سرڪار نامدار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مشڪبار ارشاد آهي: مردي جو حال قبر ۾ ٻڏڻ واري انسان جيان آهي جو اهو شدت سان انتظار ڪندو آهي تہ پيءُ ماءُ يا ڀاءُ يا ڪنهن دوست جي دعا ان کي پهچي ۽ جڏهن ڪنهن جي دعا ان کي پهچندي آهي تہ ان جي ويجهو اها دُنيا وَمَا فِيها (يعني دنيا ۽ ان ۾ جيڪو ڪجهہ آهي) ان کان بهتر هوندي آهي. اللّٰه پاڪ قبر وارن کي ان جي زنده واسطيدارن جي طرفان هديو ڪيل ثواب

جبلن جي مانند عطا فرمائيندو آهي، زنده ماڻهن جو هديو مردن جي لاءِ دعاءِ مغفرت ڪرڻ آهي.

(شعب الايمان ج 6 ص 203 حديث 7905)

ہر بھلے کی بھلائی کا صدقہ
اس بُرے کو بھی کر بھلا یارب !

(ذوقِ نعت ص۶۰)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب　　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

ايندڙ هفتي جو رسالو




978-969-722-640-5
01082483

فیضانِ مدینہ محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی
UAN +92 21 111 25 26 92   0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net